ماهوار

# تحريڪ

حيدرآباد سنڌ

مارچ ١٩٧٨

قيمت ٥٠-٢ رپيا

(وطن دوست انقلابي راهه، روشن ڪندڙ مشعل)



# پاڪستان جا چار مکيہ گھوٽالا
# انهن جا ڪارڻ ۽ سندن حل

[تازو عوامي تحريڪ جو منشور شايع ٿيو آهي. ان ۾ ملڪ جي اهم ترين مسئلن جي ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي. 'تحريڪ' جي پڙهندڙن جي واقفيت لاءِ منشور جو مکيہ حصو هيٺ شايع ڪجي ٿو. سڄو منشور سنڌي عوامي ڪتاب گهر ٨٠ - بي لطيف آباد ٤، حيدرآباد وٽان پن رپين ۾ گهرائي سگهجي ٿو. ادارو]

اڄ پاڪستان هڪ وڏي عام گهوٽالي ۾ ڦاٿو پيو آهي. اهي سڀئي بنيادي مقصد جن جي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ملڪ جا عوام گهڻي وقت کان وٺي لاڳيتي جدوجهد هلائي رهيا آهن ۽ جن جي باري ۾ خود حاڪم طبقا ۽ سندن ڇاڙتا سياستدان بہ دعوائون پيا ڪن تہ اسين انهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيون پيا تن جي حاصل ٿيڻ جو اڄ بہ ڪو امڪان نظر نٿو اچي. ٺلهي ليکي پاڪستان گذريل ٽيهہ ٽي سال چئن قسمن جي مکيہ دائمي گڙٻڙين ۽ گهوٽالن جو شڪار پئي رهيو آهي. (١) چئن صوبن جي رضا خوشي ۽ برابري واري وفاق ٺهڻ ۽ هلڻ ۾ گهوٽالو. (٢) جوابدار حڪومت جي قائم ٿيڻ ۽ حڪومت جي جمهوري نظام رائج ٿيڻ ۾ گهوٽالو. (٣) هارين، مزورن ۽ ٻي غريب عوام جي مصيبتن گهٽجڻ ۽ سندن بنيادي ضرورتن جي پوري ٿيڻ جي ڪم ۾ گهوٽالو ۽ (٤) هڪ آزاد ۽ پاڻ تي ڀاڙڻ واري اقتصادي حڪمت عملي ۽ ان موجب اقتصادي ترقي ڪرڻ جي ڪم ۾ گهوٽالو، اهي گڙٻڙيون ۽ گهوٽالا گهٽجڻ ۽ حل ٿيڻ جي بدران ڏينهون ڏينهن وڌن وڌيڪ پيچيدا ۽ اٽانگا ٿيندا.

## ١- رضا خوشي واري وفاقي نظام ٺهڻ ۾ گهوٽالو:

پاڪستان جي ٽيهن سالن واري سڄي حياتي ۾ قومي سوال سدائين مٿس هڪ ڀوت وانگر سوار پئي رهيو آهي. هن ملڪ جي تاريخ هڪ برابري واري جاندار وفاقي نظام کي قائم ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ جي تاريخ آهي. حاڪم طبقن جو ملڪ کي هلائڻ جو نمونو اهو پئي رهيو آهي تہ ملڪ جي مختلف علائقن جي ماڻهن جي تاريخي وجود ۽ شخصيت کي ۽ سندن پنهنجي پنهنجي تاريخي قومي حقن کي تسليم ڪرڻ کان "نظريہ پاڪستان"، "قومي ٻڌي" ۽ "پاڪستان جي سالميت" جي بهاني سدائين انڪار ڪندو رهجي. ڏار ڏار صوبن جي وچ ۾ رضا خوشي ۽ هڪجهڙائي واري ميلاپ قائم ڪرڻ جي بدران مٿن زور زبردستي وارو "ون يونٽ" مڙهيو ويو. جائز صوبائي خودمختياري جي بدران ملڪ جي سمورين اختيارين تي مرڪز جي هڪ هٽي مڙهي وئي ۽ مختلف صوبن جي ماڻهن جي وچ ۾ ڀائپي ۽ قرب واري

# ڪڙندا سڄ سڪن جا

جڏهن گڏي گس، ڪندا پنهن جي قوم کي
تڏهن هاڻو هڪڙو ڏيهه نه پوندو ڏس
ٿيندي وطن وس، ڪڙندا سج سڪن جا.

ادي سندن اڳهه، ڪٿي ڪنهن نه ڪٿيو
سرتي سندن سگهه، ڀهاڙن پرزا ڪري.

انهن آڪيرا آپ ۾، نظر تائين ناٿ
سرتي سارو ساٿ، گڏي آئين گس تي.

پينر مون پتار ري، هڙئي پگل هڏ
ڏسي ڏک ڏوٿين جا، لاڏن لاٿي لڏ
سٽي اُسندوءَ سڏ، تر نه ترسيا هڪڙو.

سڏي سُوراتن کي، ساٿ ڪيائون ساڻ
ايرادا انهن جا جي چٽي چاڙي چاڻ
پاڻ وڃائي پاڻ، ٿئين گهوري اهڙي گهوٽ جي.

# قوم جي ڪارڻ

دم نه دم ۾ دم، ادي آءُ ڦٽيل ڦوڙائي ڦٽڪان پيئي ........
پاڻ نه ويس تن سان پيهي، آهيان شرم ۾ شم ادي
آءُ ڦٽيل ڦوڙائي، ڦٽڪان پيئي ........

غور غلاميءَ تي جو ڪيڙم، غرق ڪري ويا غم ادي
آءُ ڦٽيل ڦوڙائي، ڦٽڪان پيئي ........

قومي سڏ تن ڪن تي آين، ڪُل چڙيائون ڪم ادي
آءُ ڦٽيل ڦوڙائي، ڦٽڪان پيئي ........

ڪجهه نه ڪيوسين قوم جي ڪارڻ، ماري ”منشي“ مرم ادي
آءُ ڦٽيل ڦوڙائي، ڦٽڪان پيئي ........

ايم- اي- عاماڻي

# سياست

ماڻـي !
آمريڪي شاعر جي زباني
آمريڪي سياست جي ڪهاڻي
سولي سنڌيءَ ۾
ڪجهه هن ريت آهي-
هڪ اڇو ڪبوتر
امن ۽ پيار جو پيغام کڻي
وائيٽ هائوس مٿان پيو اڏامي
هيٺ ڏسي ٿو-
ان چنڊالن جي چوڪڙي
شراب جو دور پيو هلي
جام تي جام پيا پيرجن
ٽڪرائجن ۽ خالي ٿين
هڪبئي سان جام ٽڪرائيندي
هڪڙي چيو:
”آءٌ پريزيڊنٽ آهيان“-
آمريڪا جو صدر
ڌرتي وارن جو حاڪم اعليٰ
اوهان جو چونڊيل
سپر پـاور !
ٻي چيو:
آءٌ بادشاهه آهيان“-
موٽرڪارن جو
قيمتي جو
ڪار منهنجو هٿيار
جنهن سان ڌرتـي وارن کي

پنهنجي اڳيان
ٻوڙايان ٿـو !
ٽئين چيو:
”آءٌ مذهبي اڳواڻ آهيان“-
ڌرتي وارن جو
روحاني پيشوا
نجات ڏياريندڙ
نجات بخشيندڙ !
چوٿين چيو:
”آءٌ جنرل آهيان“-
صحرا کي فتح ڪرڻ لاءِ
مون وٽ
بم - ٽئنڪ - ميزائيل
هوائي جهاز آهن
نمبر ون قسم جا
اهي ڪڏهن مون سان
ويساهه گهاتي ڪونه ڪندا
مون کيءَ عربن سان ڏاڍو پيار آهي-!
پنجين چيو:
”آءٌ اوهان جو-
هزماسٽرس وآئس آهيان“-
اخبارن جو رنگيلو راجا
ڌرتي وارن جي
ذهن کي صاف ڪرڻ وارو
سچ کي ڪوڙ
ڪوڙ کي سچ ڪري

محمد قاسم ميرجت

# معافي نامو

اميد علي مون ڏانهن هٿ وڌائيندي چيو، ”چاچا! هي توهان جو خط آهي.“ آءُ لفافو وٺي جانچڻ لڳس. ان مٿان لڳل مهر کي غور سان ڏٺم. پر ٽپال وارن مهر اهڙي ته بيدردي سان هنئي هئي جو شهر جو نالو پڙهڻ ۾ نه ٿي آيو. ڪچهري لڳي پئي هئي. شيروءَ جي بي دخل ٿيڻ ۽ گرفتار ٿي وڃڻ جي ڳالهه پئي هلي. ڳچ هاري اچي گڏ ٿيا هئا. ڪچهري هلندي خط پڙهڻ يا ڌيان هٽائي ٻي پاسي ڪرڻ ڪچهري جي اصولن جي خلاف هو. ان ڪري آهستي آهستي ڪري خط کولي فقط هڪڙي جهلڪ ڏٺم:

”ادا، انقلاب ناهي ماڪي اڪ جي
ڳاڙهو رت آ ڳاڙهو، جهڙو گل گلاب
جو اڪين هارين آب، سي پڻ سڪتا سڏڙيا!
(منشي)

پوءِ لکيل هو:

پيارا ڀاءُ لطيف!

جيئي سنڌ!

لکندڙ جو نالو پڙهڻ لاءِ پنو اٿلايم. هيٺان نالو غلام محمد لکيل هو. ايتري ۾ رمضان هڪل ڪئي ته ”ادا! هاڻ لطيف ڳالهائيندو!“ آءُ ڇرڪي ويس ڄڻ ته ڪا چوري ڪندي جهلجي پيو هجان. مون شيروءَ جي بي دخلي ۽ ڪرائيم ڪنٽرول هيٺ گرفتاري خلاف ڇا ڪرڻ گهرجي، ان متعلق پنهنجون تجويزون سنگت آڏو رکيون. ڳالهه اڳتي رڙهي. ٻين به پنهنجون تجويزون ڏنيون جيڪي هڪ دوست پني تي نوٽ ڪندو ويو. جڏهن سڀ تجويزون لکجي ويون تڏهن نوٽ ڪندڙ همراهه اهي سڀ پڙهي ٻڌايون. هيٺيون تجويزون عمل واسطي يڪراءِ بحال ڪيون ويون:-

۱- ٻئي پاسي جي ڳوٺن جي هارين سان ملي، کين سموري صورتحال کان واقف ڪجي ۽ کين پنهنجو همخيال بنائجي.

۲- شيروءَ جي ٻنيءَ تي قبضي لاءِ وڏيري جن هارين کي تيار ڪيو آهي، انهن سان پنج هاري ملندا ۽ کين سمجهائيندا ته هو پاڻ جهڙي هاري ڀاءُ جي ٻنيءَ تي قبضو نه ڪن، نه ته هاري پاڻ ۾ وڙهي هڪبئي کي ڪمزور ڪندا ۽ سندن گڏيل دشمن وڏيري جو من وڌي ويندو.

۳- وڏيرو جيڪڏهن غيرقانوني ڪري، غنڊا وٺي اچي ته انهن کي منهن ڏنو وڃي.

۴- اختياري وارن سان وفد ناهي ملجي ۽ شيروءَ جي آزادي جو مطالبو ڪجي. اهڙا بيان اخبار وارن کي به ڏجن.

۵- جيستائين شيرو آزاد ٿي اچي اوستائين

ڪري ماري ويو آهي هاڻي توهان ئي ٻڌايو ته شاگردن جي اها ڏڙن ۾ ورهايل ٽڙيل پکڙيل قوت دشمن جي وڏنڍڙ قوت جو مقابلو ڪري سگهي ٿي؟ اسان شاگردن، مزورن ۽ ٻين محب وطن ٽولن ۽ فردن جا دشمن ڪونه آهيون. اسين انهن کي پنهنجو ڀاءُ سمجهون ٿا ۽ هن قومي جنگ ۾ کين پاڻهن ڀيلي بنائي اسين هي جنگ لڙنداسين پر انهن سڀني جي قوت جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ خود قوم جي گهڻائي يعني هارين جو منظم هئڻ لازمي آهي، جنهن جي لاءِ اسان خاص هارين جي تنظيم ٺاهي آهي. چاڪاڻ ته دنيا جي عرصي جي تجربي اهو ثابت ڪيو آهي ته قوم جي گهڻائي ۽ بهادر قوت يعني سنڌي هاري جي اڳواڻي کان سواءِ قومي جنگ نٿي لڙي سگهجي."

انهن ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي آءٌ سورنهن آنا ته مطمئن ڪونه ٿيندو هوس پر دل ئي دل ۾ هنن کي ۽ سنڌن جماعت کي اهو داد ضرور ڏيندو هوس ته کين پنهنجي مقصد سان لڳاءُ بيشڪ آهي، پرو ۽ کدو جهڙن اڻ پڙهيلن کي هي هيتري سياسي چاڻ ڏيئي، هوشيار ۽ ڏاهو بنائڻ واقعي وڏو ڪم هو.

ٽيون ڏينهن کدوءَ مون کي سنڌي هاري ڪميٽي جي ڳوٺاڻي شاخ جي گڏجاڻي ۾ اچڻ لاءِ چيو. مون چيو "پلي آءٌ به هلي ڏسان ته اوهين قصو ڪيئن ٿا هلايو" آخر اهو ڏينهن آيو! اسين مقرر هنڌ تي پهچي وياسون.

واهه جي ڪپ تي بيٺل وڏي چار جو ڏڪٽيون پاسو سوئي ان تي پراڻ وڏو ويو هو ته جيئن سيءَ کان ڪجهه بچاءُ ٿئي. وڏي مچ جي چوڌاري هارين مان کدو اٿي ڳالهايو "ادا هاڻي هي پنهنجي گڏجاڻي شروع ٿا ڪريون اميد ته سڀئي دوست پنهنجن مقرر ڪيل اصولن مطابق هلي هن گڏجاڻي کي ڪامياب بنائڻ ۾ مدد ڪندا. ڪي نوان دوست آيا آهن تنهنڪري آءٌ گڏجاڻي جا اصول وري ٻڌايان ٿو،" اهڙيءَ ريت کدو سڀ اصول هڪڙو هڪڙو ڪري ٻڌائيندو ويو ۽ پوءِ بحث لاءِ رکيل ايجنڊا جا نقطا ٻڌايا ويا، جن ۾ ڪجهه راڄوڻي فيصلا، ميمبرن جي ذمي رکيل ڪم جي پڇا، ايندڙ مهيني لاءِ ڪم مقرر ڪرڻ جا نقطا شامل هئا. ميمبرن کان ماهوار مقرر ڪيل في جي وصولي جو اسم رکيل هو. پوءِ هر ڪنهن واري سان مسئلن تي ڳالهايو. هر ڪنهن مسئلي تي ٻن ٽن نون آيل هارين کانسواءِ ٻين سڀني پنهنجا خيال سهڻي نموني پيش ڪيا. تعلقي ڪميٽي طرفان آيل دوستن به پنهنجي پنهنجي واري سان ڳالهايو. تعلقي ڪنوينر وسائي ته ڄڻ سڀني ويٺلن تي جادو ڪري ڇڏيو. هن جڏهن سنڌي هاري ڪميٽي جي ميمبرن وڌائڻ واري ايجنڊا تي ڳالهايو ته هر ڪنهن ماڻهو ائين پئي سمجهيو ڄڻ ته سندس دل جي ڳالهه ويٺو ڪري. سندس زندگيءَ جا مثال ڏيندي هن ٻڌايو ته ڪيئن وڏيرا مسڪين ماڻهن کي پاڻ ۾ ويڙهائين ٿا، هڪٻئي جون چوريون ڪرائين ٿا ۽ هڪٻئي تان اعتبار ٽوڙائي سڀني ماڻهن کي ذهني طور وڏيرن جو غلام بنايو ڇڏين ٿا. اڌ رات گذري چڪي هئي پر ڪنهن جي اک ۾ به ننڊ جو نالو ڪونه هو. بحث ختم ٿيو ته وري کدو اٿي چيو ته "ادا هاڻي پنهنجو دوست وسايو پاڻ کي ڪلام ٻڌائيندو." رات جي نوائي کي چيريندو وسائي جو آواز ميلن تائين پئي ويو ۽ سندس

۽ رت چوسيندڙ ڪامورا شاهي جا اقتصادي ۽ سياسي مفاد ڌارين سامراجين جي مفادن سان سلهاڙيل آهن. اهڙي سرشتي ۾، ۽ اهڙن حاڪم طبقن ذريعي انصاف ۽ برابريءَ وارو سماج اڏڻ، اقتصادي آزادي ۽ واڌارو حاصل ڪرڻ، جمهوري نظام ۽ صوبائي خودمختياريءَ قائم ڪرڻ ناممڪن آهي.

قومي ڇوٽڪاري، صوبائي خودمختياري، جمهوريت، جاگيرداريءَ جي خاتمي، اقتصادي ترقي ۽ عوام جي رهڻي ڪهڻي جي معيار ۾ سڌاري آڻڻ لاءِ ضروري آهي ته قومي ۽ طبقاتي ظلم ۽ ڦرمار واري هاڻوڪي سماجي سرشتي جون بنيادون پاڙون ئي پٽي ڇڏجن. اڌوگابرا علاج نه پين غريب ۽ پوئتي پيل ملڪن ۾ ڪامياب ٿيا آهن ۽ نه هتي ئي ڪامياب ٿي سگهندا.

## پيپلز پارٽيءَ ۽ قومي اتحاد وٽ عوام لاءِ ڪجهه به ڪونهي:

ڦورو ۽ ظالم حاڪم طبقن جي سياسي پارٽين جي ڪوڙي انقلابي نعري بازي، ڪوڙي عوام دوستيءَ يا ڪوڙي جمهوريت پسندي جا پول پيپلز پارٽي جي حڪومت جي ناڪاميءَ ۽ قومي اتحاد جي جلد ننگي ٿيڻ ۽ سندس ايترو جلد عوام ۾ اگهاڙو ٿي ۽ پنهنجي جمهوريت دوستيءَ جي پت وڃائي ويهي رهڻ سان پڌرا ٿي چڪا آهن. هنن تجربن مان هميشه لاءِ ثابت ٿي چڪو آهي ته عوام دشمن طبقا ۽ پارٽيون ڪٿي ڪيڏا به عوامي، انقلابي ۽ جمهوري پروگرام ۽ مشهور ٿاهين ۽ ڪٿي ڪيڏا به نعرا هڻن ۽ ڍنڍورا پٽين پر هو انهن تي هرگز عمل ڪونه ڪندا. پنهنجي رجعت پرست ۽ عوام دشمن فطرت سبب ائين ڪري به ڪونه سگهندا.

اسان جا عوام ڦورو ۽ ظالم، جاگيردار، سرمائيدار حاڪم طبقن جي پارٽين مان ڪيڏا بيزار ۽ ڪڪ آهن تنهن جو هڪڙو ثبوت اهو ئي آهي جو سندن هڪڙيءَ پارٽيءَ جي نيڪي ۽ پوئلڳي رڳو سندن ٻي پارٽيءَ جي گناهن جي ڪري ٿئي ٿي. قومي اتحاد ڪي عوام جي ڪن حصن ۾ مقبوليت فقط انهيءَ ڪري حاصل ٿي جو ماڻهو پي پي حڪومت جي غير جمهوري ۽ ظالماڻي راڄ مان انت بيزار ٿي پيا هئا ۽ ڪين انهيءَ مان جان ڇڏائڻ لاءِ قومي اتحاد کان سواءِ ٻي ڪا به واه نظر نٿي آئي. هاڻ جڏهن هڪ طرف ماڻهن جي پي پي جي ڦورو ۽ ظالم راڄ مان مس مس جند ڇٽي آهي ته ٻي طرف قومي اتحاد خود چور دروازي کان حڪومت ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي ويو آهي تڏهن نه رڳو ماڻهو قومي اتحاد مان بيزار ٿي پيا آهن پر خود قومي اتحاد ۾ شامل پارٽيون به هڪٻئي مان بيزار ٿي پيون آهن. ماڻهو هاڻ پي پي جي حمايت پيا ڪن. پر جي پي پي وري اقتدار ۾ آئي ته ظاهر آهي ته اهي ئي ساڳيا ڪرتوت ڪندي، جيڪي هيستائين ڪيا اٿس ۽ عوام هڪدم منجهانئس ڪنو ٿي پوندو ۽ ڪين لوڏي ڪيندو. جيتري قدر قومي اتحاد جو سوال آهي ته عوام جو منجهانئس ايڏو جلد بيزار ٿي پوڻ ڪا انتهائي ڳالهه ڪانهي. قومي اتحاد اڪثر ڪري اهڙين تنگ نظر، مفاد پرست، رجعت پرست ۽ وهم پرست پارٽين جو ميڙ آهي جن هميشه عوام کي وڏيڪ ڦرڻ، لٽڻ ۽ ڪچلڻ لاءِ ملڪ ۾ فاشي ۽

